روزاني
ايڈيٽر: اعجاز مهر
سنڌيار
سکر
Daily SINDHYAR Sukkur
www.dailysindhyar.com
(جلد 02) سومر 31 جولاءِ 2023ع بمطابق 12 محرم الحرام 1445ھ (قيمت 05 روپيا) شمارو 64

ڏاڙيلن کي ڪچي تائين محدود ڪري ڇڏيو، هن وقت تائين 70 ڏوهاري مارجي ويا آهن: وڏو وزير

ڏاڙيل پوليس کي ڪمزور ۽ بدنام ڪرڻ لاءِ اهڙيون ڪارروايون ڪري رهيا آهن پر پوليس ثابت قدم رهي آهي انڪري هاڻ اغوا وارين وارداتن ۾ گهٽتائي اچي رهي آهي : مراد شاهه

ڪچي جي هڪ سؤ 77 ڪلوميٽر واري علاقي ۾ 140 پوليس پڪٽ تيار ڪيا آهن پوليس کي ڪچا الائونس به ڏنو ويندو، ڪشمور ۾ به چوڪيون ناهي رهيا آهيون

ڏاڙيل غريب ماڻهن کي اغوا ڪن ٿا جن وٽ ڪين ڏيڻ لاءِ ڪجهه نه ناهي هوندو، پوليس جي ڪوشش سان انهن مان گهڻا واپس ڪرايا ويا آهن

مقامي ماڻهن کي پوليس سان پرپور سهڪار ڪرڻ گهرجي ته جيئن امن امان کي برقرار رکي سگهجي

ڪشمور مان 2 هندو اغوا ٿيل آهن جن کي جلد واپس ڪيو ويندو: رائونتي واري ڪچي جي بند تي ميڊيا سان ڳالهيون

وڏي وزير سيد مراد علي شاهه سان آءِ جي سنڌ غلام نبي ميمڻ ۽ ٻيا پوليس اهلڪار ۽ عملدار پڻ گڏ هئا

رائونتي (رپورٽر) وڏي وزير سيد مراد علي شاهه چيو آهي ته امن امان جي صورتحال بهتر

ٽي رهي آهي ڏاڙيلن کي ڪچي تائين محدود ڪري ڇڏيو آهي، 70 ڏاڙيل ماريا ويا آهن

40 کان وڌيڪ ماڻهن کي عورتاڻي آواز تي رکجي اغوا ٿيڻ کان بچايو ويو آهي جنهن

بعد هاڻ هر کچي اغوا ٿيڻ واريون واردائون زيرو ٽي ويون آهن، رائونتي واري کچي جي بند تي

ميڊيا سان ڳالهائيندي وڏي وزير چيو ته ڏاڙيل پوليس/بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 02

رسالدار مان اغوا ٿيل ٻارڙو عظيم ميٽڪ بازياب، مغوي فرحان جي وارثن پاران وڏي وزير جي رستا روڪ

مغوي نينگر فرحان سومرو جي وارثن وزيراعليٰ سنڌ جي رستا روڪ ڪري ورتي، مراد شاهه پاران بازيابي جي خاطري

سنڌ جي وڏي وزير مراد شاهه جي ڪنڊڪوٽ آمد وقت ڪنڊڪوٽ جي گولا موڙ تي مغوي نينگر فرحان سومرو جي وارثن روڊ بلاڪ ڪيو

مغوي نينگر فرحان سومرو جي وارثن سان سنڌ جو وڏو وزير سيد مراد علي شاهه گاڏي مان هيٺ لهي مليو ۽ معلومات ورتي

ڪنڊڪوٽ: سنڌ جو وڏو وزير اغوا ٿيل ٻارڙي فرحان جي وارثن سان گڏ ڪاهي رهيو آهي

ڪنڊڪوٽ (رپورٽر) رسالدار مان 2 مهينا اڳ اغوا ٿيل معصوم ٻارڙو بازياب ٿي ويو، پوليس ٻارڙي /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 03

وفاقي وزير خورشيد شاهه 9 آگسٽ تي اسيمبليون ٽوڙڻ جي دعويٰ ڪري ڇڏي

ڪراچي (رپورٽر) وفاقي وزير ۽ پاڪستان پيپلز پارٽي جي سينئر آڳواڻ خورشيد شاهه دعويٰ ڪئي /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 04

سينيٽ چيئرمين انتهاپسندي جي روڪٿام واروبل درڀاڻ ڪري ڇڏيو

جي يو آءِ، جماعت اسلامي، نيشنل پارٽي پاران مخالفت، پي ٽي آءِ طرفان احتجاج ڪيو ويو

سينيٽ جي اجلاس ۾ بل مملڪتي وزير شهادت اعواڻ پيش ڪيو

هن بل ذريعي اوهان پنهنجا هٿ وڍي رهيا آهيو، هي بل اسان سيني لاءِ مصيبت بڻجندو

اسلام آباد (ر ڀ) پرڏشڊ انتهاپسندي جي روڪٿام جو بل سينيٽ ۾ پيش، جي يو آءِ، پي ٽي آءِ طرفان مخالفت،

جماعت اسلامي، نيشنل پارٽي پاران احتجاج ڪيو ويو، سينيٽ چيئرمين بل تي راءِ ورتي جنهن ڪانپو، پرتشدد انتهاپسندي /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 06

خيبرپختونخواهه ۾ برسات ۽ مختلف حادثن دوران 19 ڄڻا فوت

ڪي پي ڪي ۾ 2 ڏينهن دوران تيز طوفاني برسات سبب عورتن ۽ ٻارن سميت 19 ڄڻا فوت ٿي ويا

صوبي ۾ برساتن دوران ٻوڏ وهڪرن سبب 53 جانور به مري ويا، 14 گهر مڪمل طور تي تباهه

بلوچستان ۾ به چوماسي جي برساتن سبب ٽيندڙ نقصان جي رپورٽ جاري ڪئي وئي

پشاور: تيز برسات ڪاڦي گهرن ۾ بينل پاڻي مان گهريلو سامان ڪڍي رهيا آهن

پشاور (ر ڀ) خيبرپختونخواهه ۾ ٻن ڏينهن دوران چوماسي جي برسات ۽ مختلف حادثن دوران فوت ٿي ويلن جو اڃ ڪ 19 ٿي ويو آهي /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 09

مادام تسائو ميوزيم ۾ بينظير ٻتو جي مجسمي جي نقاب ڪشائي

دبئي (مانيٽرنگ ڊيسڪ) اسلامي دنيا جي پهرين چونڊيل عورت وزيراعظم محترمه بينظير ٻتو جو/بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 10

9 مئي تي فوج جو تختو اونڊو ڪرڻ جي ڪوشش ڪئي وئي: وزيراعظم

9 مئي جي سازش جو ماسٽر مائينڊ پي ٽي آءِ چيئرمين هو، جنهن ۾ عورتون، مرد، سياسي پارٽيون، ڪجهه سپاهي ۽ خاندان شامل هئا

ان کان اڳ اسيمبليون ٽوڙڻ جو مشورو صدر ڏانهن موڪليو ويندو

9 مئي جي سازش ڪندڙ پاڪستان ۾ انتشار ۽ گهرو ويڙهه چاهين ٿا

اسلام آباد (بيورو رپورٽ) وزيراعظم شهباز شريف جو چوڻ آهي ته قومي اسيمبلي جو مدو 12 آگسٽ جي رات 12 وڳي تائين آهي، ان کان اڳ اسيمبليون ٽوڙڻ جو مشورو صدر ڏانهن موڪليو ويندو، انٽرويو ۾ هن چيو ته 9 مئي جو واقعو /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 15

سنڌ اندر 21 لک گهرن جي سروي ڪئي ويئي: امتياز شيخ

گذريل سال برساتن دوران سنڌ اندر ڏيڍ ڪروڙ ماڻهو متاثر ٿيا تنهن باوجود سنڌ سرڪار هر ماڻهو وٽ پهتي

ماڻهن جي هن مصيبت جي حل لاءِ چيرمين ڪراچي کان جنيوا تائين ڪانفرنسون ڪوٺايون

هڪ سئو ايڪيتاليه ريلف ڪيمپون قائم ڪيون جنهن ۾ اٽڪيه هزار ماڻهو ترسايا : ڊپٽي ڪمشنر ابرار جعفر

شڪارپور (رپورٽر) شڪارپور ۾ سنڌ حڪومت پاران گذريل سال جي ٻوڏ متاثرين ۾ گهرن جي تعمير لاءِ پلاٽن جا مالڪاڻا حقن جي سرٽيفڪيٽ تقسيم ڪرڻ جي تقريب ڪچهري ڊاڪا ۾ پوليس ۽ اپوزيشن ۾ چڪربون، ڪيترائي گرفتار

ڊاڪا (مانيٽرنگ ڊيسڪ) بنگلاديش ۾ مخالف ڏرجي جماعت بنگلاديش نيشنل پارٽي يعني بي اين پي ۽ اتحادين پاران چنجر تي به احتجاج جاري آهي ۽ پوليس سان چڪرين ۾ ڪيترائي ڪارڪن ۽ اهلڪار زخمي ٿيا آهن، شهر جي مختلف چوڪ چوراهن تي ٽريفڪ معطل آهي ۽ مظاهرين پوليس تي پٿراءُ ڪري رهيا آهن ۽ جواب ۾ /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 20

گذري. تقريب کي خطاب ڪندي صوبائي وزير ترانائي /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 16

شڪارپور: صوبائي وزير ترانائي امتياز احمد شيخ پلاٽن جا مالڪاڻا حقن جي سرٽيفڪيٽ تقسيم ڪرڻ ڀاري تقريب کي خطاب ڪندي

ڪاهي ويجهو 3 معصوم ٻارڙا برساتي پاڻي ۾ ٻڏي ويا، هڪ ننگري فوت

16 ورهين جي شازيه پنيرو برساتي پاڻي ۾ ٻڏي فوت ٿي وئي، لاش گهر پهچڻ تي سندس گهر ۾ قهرام مچي ويو

ڳوٺاڻن 7 ورهين جي مير محمد پنيرو ۽ 12 ورهين جي خطيجه کي پاڻي مان ڪڍي اسپتال منتقل ڪيو

ڳوٺ فقير صادق پنيرو ۾ ننگرين سميت 3 ڄڻا برساتي پاڻي ۾ ٻڏي ويا، هڪ ننگري فوت ٿي وئي

ڪهر (رپورٽر) ڪاهي ويجهو ننگرين سميت 3 ڄڻا برساتي پاڻي ۾ ٻڏي ويا، هڪ ننگري فوت ٿي وئي، ڪاهي ويجهو ڳوٺ فقير صادق پنيرو ۾ ننگرين سميت 3 ڄڻا برساتي پاڻي ۾ ٻڏي ويا، هڪ ننگري فوت ٿي وئي، لاش ڳهر پهچڻ تي سندس گهر ۾ قهرام مچي ويو ڳوٺاڻن 7 ورهين جي مير محمد پنيرو ۽ 12 ورهين جي شازيه پنيرو برساتي پاڻي ۾ ٻڏي فوت ٿي وئي، لاش /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 21

جن ڀاءُ ۽ پائٽي کي قتل ڪرايو، انهن کي سامهون آندو وڃي: اسلم ابڙو

شاهواڻي ڏر ڪوئٽا ۾ آهي، اها ڪيئن ڪراچي اچي ڀاءُ ۽ پائٽي کي قتل ڪيو؟ جن ريڪي ڪئي

پوليس 2019 واري ڳالهه تي پئي هلي، ڀاءُ ۽ پائٽي کي ڪنهن قتل ڪيو

ڀاءُ ۽ پائٽي ئي ٽارگيٽ ڪري 49 گوليون هڻي قتل ڪيو ويو : ميڊيا سان ڳالهيون

جيڪب آباد (رپورٽر) جيڪب آباد ۾ ايم پي اي محمد اسلم ابڙو سان ڀاءُ ۽ پائٽي جي قتل تي تعزيت جو سلسلو جاري آهي. ايم پي اي محمد اسلم ابڙو ميڊيا سان ڳالهائيندي جيو آهي ته ڀاءُ ۽ پائٽي ٽي ٽارگيٽ ڪري 49 گوليون هڻي قتل ڪيو ويو محمد اسلم ابڙو جو چوڻ آهي

وارنٽي ۾ پارٽس متائٽ تي ٽيڪس لاڳو ناهي: لاهور هاءِ ڪورٽ

لاهور (مانيٽرنگ ڊيسڪ) لاهور هاءِ ڪورٽ قرار ڏنو آهي ته وارنٽي ۾ پارٽس متائٽ تي ٽيڪس لاڳو ناهي. پراپيوٽ ڪمپني کي ايڊيشنل ڪليڪٽر طرفان جون 2006 تي سال 2004-2005 جي ٽيڪس چوري جي الزام ۾ شوڪاز نوٽيس جاري ڪيو ويو درخواستگذار موقف اختيار ڪيو ته وارنٽي تحت تبديل ڪيل پارٽس /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 27

ڪراچي: پاڪستان مرڪزي مسلم ليگ طرفان گلشن اقبال ۾ گيس جي لوڊشيڊنگ خلاف احتجاج ڪيو پيو رڄي

باجوڙ ۾ جي يو آءِ جي ورڪرز ڪنوينشن ۾ ٽماڪو، 40 کان وڌيڪ ماڻهو مارجي ويا، 150 ڄڻا زخمي

خار ۾ ورڪرز ڪنوينشن اندر ٽماڪو ٽيو، جنهن جي نتيجي ۾ ڪيترائي ماڻهو زخمي ٿي پيا ، مارجي ويلن ۾ جي يو آءِ جي ڊسٽرڪٽ خار جو امير مولانا ضياءالله جان ۽ ڊسٽرڪٽ ناواڳئي جو جنرل سيڪريٽري حميدالله حقاني به شامل

40 کان وڌيڪ ماڻهن جا لاش ڊي ايڇ ڪيو اسپتال پهچايا ويا آهن، ٽماڪي ۾ 150 کان وڌيڪ ماڻهو زخمي ٿيا ، سخت زخمين کي پاڪ فوج جي هيلي ڪاپٽر ذريعي پشاور منتقل ڪيو

زخمين کي تيمر گڙهه ۽ پشاور منتقل ڪيو پيو وڃي ۽ ڪيترن ئي جي حالت نازڪ آهي : ضلعي ايمرجنسي آفيسر باجوڙ

پوليس ۽ قانون لاڳو ڪندڙ ادارن علاقي کي ڪڙو چاڙهي ڇڏيو، ٽماڪي جي نوعيت جو ايجا تائين پتو ناهي پئجي سگهيو

ٽماڪي وقت جميعت علماءِ اسلام (ف) جا ڪارڪن وڏي انگ ۾ ڪنوينشن ۾ موجود هئا، جنهن سبب وڏي انگ ۾ مارجي وڃڻ جو خدشو

باجوڙ (ر ڀ) خيبرپختونخواهه جي ضلعي باجوڙ ۾ جمعيت علماءِ اسلام (ف) جي ورڪرز ڪنوينشن ۾ ٽماڪي جي نتيجي ۾ ڪيترن ئي مقامي اهلڪارن سميت 39 ڄڻا مارجي ويا ۽ 120 کان وڌيڪ زخمي ٿي پيا. نيوز ايجنسي اي ايف پي موجب

خيبرپختونخواهه جي صحت واري وزير رياض انور چيو آهي ته مان تصديق ڪريان ٿو ته هن وقت تائين 39 لاش اسپتال پهچايا ويا آهن، جڏهن /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 05

باجوڙ: جي يو آءِ جي ورڪرز ڪنوينشن ۾ ٽماڪي بعد ماڻهو اسپتال ۾ بينل آهن

پرڏيهي وزير بلاول ٻتو سرڪاري دوري تي متحده عرب امارات پهچي ويو

متحده عرب امارات جي اعليٰ اختيارين ۽ پاڪستان جي سفير فيصل نياز ترمذي هوائي اڈي تي پرڏيهي وزير جو استقبال ڪيو

دوري دوران پرڏيهي وزير بلال ٻتو عرب امارات جي پرڏيهي وزير شيخ عبدالله بن زيد النهيان سان ملاقات ڪندو

دبئي ۾ پرڏيهي وزير بلاول ٻتو مادام تسائو ۾ پهرين پاڪستان شخصيت بينظير ٻتو جي نهيل مجسمي جي نقاب ڪشائي جي تقريب ۾ شرڪت ڪندو

اسلام آباد (ر ڀ) پرڏيهي وزير بلاول ٻتو زرداري هڪ ڏينهن جي سرڪاري دوري تي متحده عرب امارات پهچي ويو آهي، متحده عرب امارات جي اعليٰ اختيارين ۽ پاڪستان جي سفير فيصل نياز ترمذي هوائي اڈي تي پرڏيهي وزير جو استقبال ڪيو، دوري دوران پرڏيهي وزير بلال ٻتو عرب امارات جي پرڏيهي وزير شيخ عبدالله بن زيد النهيان سان ملاقات ڪندو، ملاقات دوران ٻنهي پائر /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 07

لاهور: وزيراعظم شهباز شريف افتتاحي تقريب کي خطاب ڪري رهيو آهي

ملڪ جي صدر وٽ چانهه جا پئسا به ناهن: سيف الله ابڙو

ڪڏهن اسان سوچيو آهي ته ان صدر جي پنهنجي اهميت ڪيتري آهي؟

صدر جي اليڪشن جو جيڪو طريقيڪار آهي ان ۾ ترميم ڪئي وڃي

اسلام آباد (بيورو رپورٽ) ملڪ جي صدر وٽ چانهه جا پئسا به ناهن، صدر جي چوڌ جو مطالبو /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 11

وقت اچي ويو آهي ته اسان آزمايل ماڻهن جو ماضي نه وساريون: فيصل واوڊا

عمران خان پنهنجي حڪومت هلائڻ لاءِ ايڪسٽينشن ڏني ۽ عوام ۾ حڪومت کي ڪيرائڻ جو بيانيو ناهيو

آصف زرداري سنڌ کي هلائڻ لاءِ ووٽ ڏنو ۽ عوام ۾ اينٽي اسٽيبلشمينٽ جو بيانيو بنايو

مولانا به وهندڙ گنگا ۾ اسٽيبلشمينٽ کي اڪيون ڏيڪارڻ جي ڪوشش ڪئي

لاهور (ر ڀ) آڳوڻي وفاقي وزير فيصل واوڊا چيو آهي ته باجوه صاحب غلط آهي يا پي ڊي ايم، يا پي ٽي آءِ سميت سموريون 14 پارٽيون؟ وقت اچي ويو آهي ته اسان آزمايل ماڻهن جو ماضي نه وسارين. دفاع واري وفاقي وزير جي بيان تي رد عمل /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 08

آڳوڻو وفاقي وزير فيصل واوڊا

سنڌڙي: دلبر مهر ٽاڻي جي حد ۾ ڪارنهن الزام هيٺ ٻتو قتل

جوابدار پاڻمرادو ٽاڻي تي پهچي گرفتاري ڏئي ڇڏي، جوابدا ڏوهه جو پڻ اعتراف ڪيو ويو

دلبر مهر پوليس راڪفي جي ڏڪلاڻ بعد پهچي مقتول جو لاش پوسٽ مارٽم لاءِ ميرپورخاص اسپتال منتقل ڪيا

سنڌڙي (رپورٽر) سنڌڙي پرسان دلبر مهر ٽاڻي جي حد ۾ ڪارنهن الزام هيٺ ٻتو قتل ڪيو ويو آهي. جاري ڪيل نوٽيفڪيشن موجب ڪيوويرگوٽ محراب مري ۾ جوابدار دلمراد مري پنهنجي زال نازپري ۽ پاڻ گشاد کي پستل جا فائر ڪري قتل ڪري ڇڏيو جوابدار پاڻمرادو ٽاڻي تي /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 12

چين جو نائب وزيراعظم پاڪستان پهچي ويو، اهم ملاقاتون رٽيل

وفاقي وزير احسن اقبال، راڻا ثناءالله چيني نائب وزيراعظم جو استقبال ڪيو

چيني وفد ۾ نائب وزيراعظم سان گڏ 4 وزير به شامل

اسلام آباد (ر ڀ) چيني صدر شي جن پنگ جو خاص نمائندو ۽ نائب وزيراعظم هي ليونگ ڏينهن جي دوري تي اسلام آباد پهچي ويا، وفاقي وزير /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 14

اسلام آباد: وفاقي وزير احسن اقبال، راڻا ثناءالله چيني نائب وزيراعظم جو استقبال ڪري رهيا آهن

ڪچي ۾ آپريشن جو حتمي پلان تيار ڪرڻ جو فيصلو

آءِ جي سنڌ جي سربراهي ۾ اعليٰ سطحي ڪميٽي جوڙي وئي

ڪشمور، گهوٽڪي، شڪارپور ۽ سکر ۾ ڏاڙيلن جي ڄاڻ جا تفصيل گڏ ڪيا ويندا : نوٽيفڪيشن جو متن

ڪراچي (رپورٽر) سنڌ پوليس ڪچي ۾ آپريشن جو حتمي پلان تيار ڪرڻ جو فيصلو ڪيو آهي، ان حوالي سان جاري ڪيل نوٽيفڪيشن ۾ چيو ويو /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 19

بهاولپور يونيورسٽي اسڪينڈل: آڳوڻي وي سي اطهر محبوب خلاف جاچ جو حڪم

هائر ايجوڪيشن ڪاني ڏڪڻ پنجاب طرفان ڊاڪٽر اطهر محبوب خلاف جاچ جو نوٽيفڪيشن جاري

ڪميٽي آڳوڻي وائيس چانسلر جي خلاف لڳايل الزامن جي جاچ ڪندي : نوٽيفڪيشن جو متن

اسلامیہ یونیورسٹی بہاولپور جو آڳوڻو وائيس چانسلر ڊاڪٽر اطهر محبوب

لاهور (ر ڀ) اسلاميه يونيورسٽي بهاولپور جي آڳوڻي وائيس چانسلر ڊاڪٽر اطهر محبوب جي خلاف مالي بدعنوانين ۽ انتظامي بي ضابطگين جي جاچ جو حڪم ڏنو ويو آهي. هائر ايجوڪيشن ڪاني ڏڪڻ پنجاب طرفان ڊاڪٽر اطهر محبوب خلاف جاچ جو نوٽيفڪيشن جاري ڪيو ويو آهي. جاري ڪيل نوٽيفڪيشن موجب هائر ايڪريڊيشن جي ڏاهيل ڪميٽي آڳوڻي وائيس چانسلر جي خلاف لڳايل الزامن جي جاچ ڪندي، ان حوالي سان هائر ايجوڪيشن ڪڻ پنجاب /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 22

ڪينيا: البرٽا ۾ ننڍو جهاز ڪري تباهه، 6 ڄڻا اجل جو شڪار

جهاز جمعي جي رات جبل واري علاقي ۾ ڪري تباهه ٿيو

حادثي جو شڪار جهاز جا مسافر چرچ جي تقريب ۾ شرڪت لاءِ رڄي رهيا هئا

البرٽا (مانيٽرنگ ڊيسڪ) ڪئناڊا جي شهر البرٽا ۾ ننڍو جهاز ڪري تباهه ٿي ويو، جنهن جي نتيجي ۾ 6 ڄڻا اجل جو شڪار ٿي ويا، آمريڪي ميڊيا /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 25

سعودي عرب: پارڪ ۾ عورت تي تشدد ڪندڙ شخص گرفتار

پارڪ ۾ عورت کي تشدد جو نشانو بڻائڻ جي وڊيو سوشل ميڊيا تي وائرل ٿي وئي

وڊيو سامهون اچڻ کانپوءِ سعودي عرب جي شهرين ۾ سخت ڪاوڙ پکڙجي وئي

رياض (مانيٽرنگ ڊيسڪ) سعودي عرب جي شهر تبوڪ جي پارڪ ۾ عورت تي تشدد ڪرڻ جي هڪ شخص کي گرفتار ڪيو ويو عرب ميڊيا موجب /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 28

پارٽ، آئي فون خريد ڪرڻ لاءِ والدين 8 مهينن جي پٽ کي وڪرو ڇڏيو

زال مڙس وڊيوز ناهڻ لاءِ آئي فون خريد ڪرڻ لاءِ پنهنجو 8 مهينن جو پٽ کپائي ڇڏيو

پٽ هڪ مائٽ وٽ آهي پوليس زال مڙس کي گرفتار ڪري ورتو آهي

نئين دهلي (ر ڀ) پارٽ ۾ آئي فون خريد ڪرڻ لاءِ والدين پنهنجي 8 مهينن جي پٽ کي وڪرو ڪري ڇڏيو پارٽ جي امير حافظ نعيم الرحمان جيو آهي ته /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 29

آءِ ايم ايف پروگرام نه هجي ها ته اڄتي وڌڻ جو پلان موجود هو: اسحاق ڈار

ايم ايف سان معاهدو وقت تي مڪمل ڪيو ويندو، اينڈ 2 کان 3 مهينن تائين ادائيگين جا بندوبست ڪري رهيا آهيون

سعودي عرب، يو اي اي ۽ چين مڪمل مالي مدد ڪئي، پاڪستان سموريون پرڏيهي ادائيگيون وقت تي ڪيون آهن

افسوس جي ڳالهه آهي ته اڳوڻي وزير جي بيان سبب پي آءِ اي کي گرائونڈ ڪيو ويو

اسلام آباد (مانيٽرنگ ڊيسڪ) نائبي واري وزير اسحاق ڈار چيو آهي ته جيڪڏهن آءِ ايم ايف جو پروگرام نه هجي ها ته اسان وٽ پلان هو ته ڪيئن اڄتي وڌون، سينيٽ جي اجلاس ۾ ڳالهائيندي اسحاق ڈار چيو ته آءِ ايم ايف سان معاهدو وقت تي /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 17

اسلام آباد: نائبي واري وزير اسحاق ڈار سينيٽ اجلاس ۾ ڳالهائي رهيو آهي

ڪورنگي ۾ فيڪٽري جي ڇت ڪري پئي، ڪيترائي ڄڻا زخمي

ڪراچي (رپورٽر) ڪراچي جي علاقي ڪورنگي ۾ پي اين ٽي سوسائٽي پرسان فيڪٽري جي ڇت ڪري پئي، ڪارخاني جي ڇت ڪرڻ سبب ڪيترائي ڄڻا ڏهڪي زخمي ٿي ويا. ريسڪيو ڊريمن موجب فيڪٽري ۾ بيڪري جون شيون ناهين ويندين هيون. پوليس ۽ ريسڪيو اهلڪار /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 18

حق باهو درگاهه کان ايندي ٽل واسين سان حادثو، عورت سميت 4 ڄڻا فوت، ڪيترائي زخمي

راجن پور ويجهو روڊ حادثي ۾ ياسر سومرو، شفيق عرف شفن سومرو، نينگر شجر سومرو ۽ عورت صفيه سومرو فوت ٿي ويا

فوتين جا مڙهه ۽ زخمي مختلف اسپتالن ۾ منتقل ڪيا ويا ، طبي امداد فراهم ڪئي وئي

ٽل (رپورٽر) حق باهو درگاهه کان ايندي ٽل واسين سان حادثو پيش آيو، عورت سميت 4 ڄڻا فوت ٿي ويا، ڪيترائي زخمي ٿي پياحق باهو درگاهه کان ايندي ٽل واسي پانڊيٽوٽن سان روڊ حادثو پيش آيو، هڪ ٽي خاندان جا 3 پاتي فوت ٿي ويا، ڪيترائي /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 23

سنڌ جي تاريخي ثقافتي ماڳن سان ڪنهن کي به هٿ چراند ڪرڻ جي اجازت نه ڏينداسين: ڊاڪٽر قادر مگسي

ڪارونجهر سنڌ جو ڪنڊ آهي ان کي ڪٽڻ جي سوچ سنڌ دشمني تي مبني آهي

سنڌ حڪومت هڪ دفعو ٻيهر ڪارونجهر جي نيلامي جو اشتهار جاري ڪري سنڌ جي عوام سان دوکو ڪيو آهي

سنڌ حڪومت ويندي ويندي سنڌ جو ڪارونجهر ڪپائي پئسن سان پنهنجا گهر ۽ پرڻ چاهي ٿي

حيدرآباد (بيورو رپورٽ) سنڌ ترقي پسند پارٽي جي چيئرمين ڊاڪٽر قادر مگسي جيو آهي ته ڪارونجهر سنڌ جو ڪنڊ آهي ان کي ڪٽڻ جي سوچ /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 24

ايس ٽي پي سربراه ڊاڪٽر قادر مگسي

ديامر: لينڊ سلائيڈنگ سبب قراقرم هاءِ وي بند

قراقرم هاءِ وي بند ٽيڻ سبب سياح ۽ مسافر قائل

سلائيڈنگ سبب امدادي ڪارروائين ۾ ڏڪيائيون پيش اچي رهيون آهن : پوليس

گلگت (مانيٽرنگ ڊيسڪ) گلگت بلتستان جي ضلعي ديامر ۾ گندلو ڪان تتا پني تائين قراقرم هاءِ وي لينڊ سلائيڈنگ سبب بند ٿي وئي آهي، ان حوالي سان مقامي پوليس جو چوڻ آهي ته قراقرم هاءِ وي بند ٽيڻ سبب سياح ۽ مسافر قائل آهن /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 31

ڪراچي واسين جا ڪنيڪشن ڪٽيا ويا، ٽينڪر مافيا پاڻي ڏي پيو: حافظ نعيم الرحمان

وڏي علاقي جا ڪنيڪشن غير قانوني طور ڪٽيا ويا، جڏهن ته حڪومت غير قانوني طور تي ٽينڪر مافيا کي پاڻي ڏئي رهي آهي

سياڻي شهر ۾ 10 هنڌن تي پاڻي کوٽ خلاف احتجاج ڪيو ويندو ۽ 4 آگسٽ تي واٽر بورڊ آفيس آڏو ڌرٽو هنيو ويندو

ڪراچي (رپورٽر) جماعت اسلامي ڪراچي جي امير حافظ نعيم الرحمان جوچوڻ آهي ته شهر ۾ هن وقت پاڻي جو وڏو بحران آهي، ڪراچي ۾ پريس ڪانفرنس ڪندي جماعت اسلامي ڪراچي جي امير حافظ نعيم الرحمان جيو آهي ته /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 30

ڪرنائي هائوس نئون تعميراتي جيٽي سنڌ رهبر ڪميٽي جو اجلاس، ڪارونجهر معاملي تي غور ويچار

رهبر ڪميٽي جو اهم اجلاس رهبر ڪميٽي جي سربراهه رياض علي چانڊيو جي صدارت هيٺ ٿي گذريو

نياز ڪالائي، اسلم خيرپوري، جيئي سنڌ قومي پارٽي جي چئيرمين نواز خان زئرن، راول ڪرنائي ۽ ٻيا شريڪ

ڪارونجهر جبل سڄي سنڌ جو تاريخي ثقافتي، مذهبي جاگرافيائي ڏند ڪٿائي ۽ فطري ورثو آهي: رياض علي چانڊيو

ٽئو (رپورٽ:جاويد لطيف ميمڻ) ڪرنائي هائوس نئون تي جيئي سنڌ رهبر ڪميٽي جو اهم اجلاس رهبر ڪميٽي جي سربراهه رياض علي چانڊيو جي صدارت هيٺ ٿي گذريو. جنهن ۾ جسٽر جي سينئر اڳواڻ ڊاڪٽر نياز ڪالائي، جسٽر آريسر جي /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 01

ٽئو: قومپرست اڳواڻ نياز ڪالائي، رياض چانڊيو ۽ ٻيا پريس ڪانفرنس ڪري رهيا آهن

جهنڊومري پوليس تي چاپو هٿي ڏوهاري ۽ روپوش جوابدار کي گرفتار ڪري ورتو

جهنڊومري(رپورٽر) جهنڊومري پوليس ڳڇهي اطلاع تي چاپو هٿي ڏوهاري ۽ روپوش جوابدار کي گرفتار ڪرڻ جي داٻو ڪئي تفصيل موجب جهنڊومري جي ڊاسوڙي پوليس جهنڊومري جي علاقائي الله ورهايو ميرجت ۾ ڳڇهي اطلاع تي چاپو هٿي جهنڊومري جي ڳوٺ اسماعيل لنڊ جي رهواسي مهتاب لنڊ کي گرفتار ڪري ورتو ٻٽي/بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 02

محرابپور ۾ سهتا ۽ آرائين برادري ۾ جهيڙو، 8 سالن جو نينگر گولين لڳڻ سبب مارجي ويو

وارڊ نمبر 16 بلاول ڪالوني ۾ سهتا ۽ آرائين برادري ۾ جهيڙي دوران ڏرين پاران فائرنگ ڪئي وئي

نينگر سجاد علي سهتو پٽ اعجاز علي سهتو گولين لڳڻ سبب مارجي ويو ۽ محمد علي سهتو سخت زخمي ٿيو

محرابپور (رپورٽر مجاهد علي سامٽيو) محرابپورجي وارڊ نمبر 16 بلاول ڪالوني ۾ سهتا ۽ آرائين برادري ۾ جهيڙو سهتا برادري جو 8 سالن جو نينگر سجاد علي سهتو پٽ اعجاز علي سهتو گولين لڳڻ سبب فوت جڏهن ته 10 سالن جو محمد علي سهتو سخت زخمي واقعي خلاف سهتا برادري جي سوين ماڻهن جو محرابپور تائي آڏو سخت احتجاجي مظاهرو جڏهن /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 03

نوشهرو فيروز ۾ به عاشور جو ڏينهن روڊي عقيدت ۽ احترام سان ملهايو ويو، انتظام سخت

مرڪزي جلوس امامبارگاهه سيد حاجن شاهه کان شروع ٿيو جيڪو امام بارگاهه باب حيدر تي پهتو

مومنين پاران نوحه خواني ڪري چاڪن، گرزن ۽ زنجيرن سان ضرب جو ماتم ڪيو ويو، سوين عزادار زخمي ٿي پيا

اعجاز ممتائي عبدالوحيد ميمڻ، حنيف جلباڻي، غلام مرتضيٰ ٻوهيو، شفاقت وسطڙو، غلام مرتضيٰ ٻنهور ۽ ٻيا شامل هئا

نوشهروفيروز (رپورٽر:منظور ملڪ) پوري ملڪ جيان نوشهروفيروز ۾ به عاشور جو ڏينهن وڏي عقيدت ۽ احترام سان ملهايو ويو، ان سلسلي ۾ مرڪزي جلوس امامبارگاهه سيد حاجن شاهه کان شروع ٿيو جيڪو مرڪزي امام بارگاهه باب حيدر تي پهتو جتي مومنين پاران نوحه خواني ڪري چاڪن، گرزن ۽ زنجيرن سان ضرب جو ماتم ڪيو ويو جنهن ۾ سوين عزادار زخمي ٿي پيا /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 04

نوشهروفيروز: سول سرجن ڊاڪٽر خادم مگريو ميڊيڪل ڪئمپ جو جائزو وٺي رهيو آهي

پاڻي جي واري تان اغوا ٿيل سرحد واسي 2 هاري بازياب، پوليس پاران مقابلي جي دعويٰ

سرحد(رپورٽر) پاڻي جي واري تان اغوا ٿيل سرحد واسي 2 هاري بازياب. پوليس پاران مقابلي ۾ بازيابي جي دعويٰ. علاقائي ۾ راجوٽي زربيڻي بازيابي جا چٽيءُ. خبرموجب 20 ڏينهن اڳ سرحد ٽائي جي حد ڳوٺ جان محمد ياڙ مان پاڻي جي واري تان اغوا ٿي ويل هاري محمد عسم ۽ مشتاق ياڙ بازياب ٿي گهر پهچي ويا آهن ان سلسلي/بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 05

ايل بي او دي سر نالي کي گهاري، ڳوٺ پاڻي هيٺ، ڏيرو پراڻ وڃر ناهيل دروازو لڙهي ويو

اربين روپين جي لاڳت سان تعميرٿيل منصوبي بابت رهواسين جو گهاري هنڌ احتجاج ڪيو ويو

سماجي اڳواڻ علي نواز دلواڻي سوين ڳوناٽن سان گڏجي گهاري واري هند پهچي ويو، احتجاج ۾ شرڪت

پڙهيل لکيل انجنيئرن منصوبي ۾ اربين روپين جي ڪرپشن ڪري تباهي ڪئي آهي: علي نواز دلواڻي

بدين (رپورٽ مرتضي ميمڻ) بدين ضلع ۾ تباهي آڻيندڙ سر نالن ۽ زيردست جاڙهه ڪاٽي نه ٿيڻ جي ڪري گزريل سال جيان هن سال به وڏي تباهي جو خدشو ظاهر آبادگارن جو احتجاج ڪرڻ تائين اهڙي نوبت نه اچي تنهن لاءِ ايل بي او دي سميت علاقائي جي سمورن سر نالن ۽ ڪاريگرن کي گڏ ڪري ڪميٽي جوڙي وئي آهي جا هر هفتي ڪم جي پيش رفت جو جائزو وٺي ٿي. تفصيل موجب بدين ضلع ۾ برساتن کان پو

روزاني
سنڌيار
Daily SINDHYAR
www.dailysindhyar.com
ايڈيٽر: اعجاز مهر
سومر 31 جولاءِ 2023ع

ن ـ ليگ ۽ پ پ هڪ پيج تي، اتحادين ۾ گڏتي جي لهر

الهه بخش راڻوڙ

هينئر تائين ملڪ جي ايندڙ سياسي سيٽ اپ بابت جيڪي فيصلا ٿي رهيا آهن، انهن ۾ پ پ ۽ ن ليگ ئي شاٽس کيڏندي نظر اچن ٿيون، ان حوالي سان اتحادين، خاص ڪري مولانا فضل الرحمان جي گڏتي نوٽ ڪرڻ جهڙي آهي. اي اين پي جهڙين پارٽين کي به هٿي بحران کي منهن ڏيڻو پئجي رهيو آهي، هڪ طرف کي پي ڪي ۾ مخالف سياسي پارٽيون، اڪپريون نظر اچن ٿيون، ته ٻئي پاسي، پارٽي جي اندر قيادت جي معاملي تي اختلاف تيز ٿي ويا آهن. جنهن سان پختونن جي روايتي پارٽي وڌيڪ ڪمزور ٿي ويندي ۽ ان جي جاءِ جي يو آءِ، ن ليگ ۽ پي ٽي آءِ جو الڳ ٽيل گروپ والارينڊو.

حڪومتي اتحاد ۾ هيل تائين جيڪي فيصلا ٿيا يا ٿيڻ وارا آهن، انهن ۾ ن ليگ ۽ پ پ ئي پهرين صفحي تي نظر اچن ٿيون، اهڙي ريت اتحادين کي پنهنجي مڪ پارٽين جي پنهيان پنهيان هلٽو پئجي رهيو آهي. اتحادين ۾ مولانا فضل الرحمان جا سياسي اسٽيڪس وڌيڪ خطري ۾ آهن. جي يو آءِ لاءِ خطرو ن ليگ ناهي، پر پيپلز پارٽي آهي. جيڪڏهن پيپلز پارٽي زور لڳايو ته اها کي پي کي مان ڪجهه سيٽون حاصل ڪري سگهي ٿي، پر مولانا فضل الرحمان کي وڌيڪ نقصان بلوچستان ۾ ٿيندو، جي يو آءِ جو بلوچستان جي پختون بيلٽ ۾ محمود خان اچڪزئي سان مقابلو ٿيندو، باقي بلوچ بيلٽ ۾ پيپلز پارٽي سياسي انويسٽمنٽ ڪئي ته آهي ۽ ڪيترن ئي اهم اڳواڻن کي پنهنجي فولڊ ۾ آندو آهي. پر ان جي باوجود اهي بلوچ اڳواڻ، جن کي شروع کان واڳ ڏڻين جي آشيرواد حاصل رهي آهي، انهن پهريان ته پيپلز پارٽي ڏانهن ڏئو پئي، پر هاڻ استيٽس کو برقرار رکڻ جون ڳالهيون ڪن ٿا. بلوچستان ۾ جي يو آءِ کي پ پ سياسي نقصان پهچائي سگهي ٿي. ان سان گڏ پنجاب ۾ توڙي جو پ پ وڌيڪ اڳيري ٿي آهي، پر ان جي باوجود استحڪام پاڪستان سميت جيڪي گروپ ٺهيا آهن، اهي اصل ۾ واڳ ڏڻين جا ترمپ ڪارڊ آهن، استيبلشمنٽ هڪ ئي وقت پ پ ۽ ن ليگ سان ان معرفت سوديبازي ڪري سگهي ٿي، پر ان جو دارومدار ان تي آهي ته عوام انهن کي جيڪڏهن رد ڪري ڇڏيو ته سموري صورتحال تبديل ٿي ويندي. ماضي ۾، خاص ڪري پنجاب ۾، سياسي پارٽيون، پوءِ پ پ هجي يا ن ليگ، انهن کي ٽوڙيو ويو ته اهي سمورا اڳواڻ جيڪي انهن گروپن جو حصو هئا ۽ عام چونڊون ڪٽيندا به هئا، عوام انهن کي عاق ڪري ڇڏيو، انهن ۾ فيصل صالح حيات کان وٺي ڪيترائي اڳواڻ شامل هئا. ن ليگ کي ڇڏيندڙ چوڌري پائرن جا حال به سيني جي سامهون آهن. ان سان گڏ جن پي ٽي آءِ کي ڇڏيو ۽ انهن جي سيٽن تي چونڊون ٿيون، اهي به هارائي ويا. ان مان هي سبق وٺي سگهجي ٿو ته جن پنهنجن مڊر پارٽين سان بيوفائي ڪئي، عوام به انهن کي رد ڪري ڇڏيو. انڪري کي پي ڪي ۾ پرويز خٽڪ هجي يا، پنجاب ۾ ترين ۽ پيا، انهن جو سياسي مستقبل به سٺو نه هوندو هي سمورا اهڙا پتا آهن، جن کي استيبلشمنٽ استعمال ڪندي. هينئر ته پي ٽي آءِ جي پنهنجي حالت به رحم جوڳي آهي. انڪري اڪثر فيصلا ن ليگ ۽ پيپلز پارٽي کي ڪرڻا آهن. سڀ جنهن کي پ پ جو ڇڙهه سمجهيو ويندو آهي، اتي توڙي جو ايم ڪيو ايم ۽ جي ڊي اي کي هڪ پيج تي آندو ويو آهي، پر اهي هينئر به پ پ جو متبادل ناهن. پر واڳ ڏڻي، سڀڪنهن ۾ پنهنجو سياسي تڪ جوڙڻ گهرن ٿا، جنهن لاءِ گهٽيون ڪوششون ڪيون ويندين. هينئر مستقبل جو سيٽ اپ هجي يا ايندڙ حڪومت جي جوڙجڪ سمورا فيصلا دبئي ۾ ٿي رهيا آهن. هي خبرون به آيون آهن ۽ انهن جي ن ليگ تصديق به ڪري ٿي ته مستقبل جي نگران سيٽ اپ جي حوالي سان معاملا طئي ٿي چڪا آهن، بس انهن تي مولانا فضل الرحمان سميت اتحادي کان آگونو لگرائڻو آهي. دفاع جي وزير خواجا آصف ته تصديق ڪئي آهي ته انهن پ پ سان گڏجي پنج نالا شارٽ لسٽ ڪيا آهن. انهن پهريان ته پيپلز پارٽي ڏانهن ڏئو پئي، پر هاڻ استيٽس کو برقرار رکڻ جون ڳالهيون ڪن ٿا. بلوچستان ۾ جي يو آءِ کي پ پ سياسي نقصان پهچائي سگهي ٿي. ان سان گڏ پنجاب ۾ توڙي جو پ پ وڌيڪ اڳيري ٿي آهي، پر ان جي باوجود استحڪام پاڪستان سميت جيڪي گروپ ٺهيا آهن، اهي اصل ۾ واڳ ڏڻين جا ترمپ ڪارڊ آهن، استيبلشمنٽ هڪ ئي وقت پ پ ۽ ن ليگ سان ان معرفت سوديبازي ڪري سگهي ٿي، پر ان جو دارومدار ان تي آهي ته عوام انهن کي جيڪڏهن رد ڪري ڇڏيو ته سموري صورتحال تبديل ٿي ويندي. ماضي ۾، خاص ڪري پنجاب ۾، سياسي پارٽيون، پوءِ پ پ هجي يا ن ليگ، انهن کي ٽوڙيو ويو ته اهي سمورا اڳواڻ جيڪي انهن گروپن جو حصو هئا ۽ عام چونڊون ڪٽيندا به هئا، عوام انهن کي عاق ڪري ڇڏيو، انهن ۾ فيصل صالح حيات کان وٺي ڪيترائي اڳواڻ شامل هئا. ن ليگ کي ڇڏيندڙ چوڌري پائرن جا حال به سيني جي سامهون آهن. ان سان گڏ جن پي ٽي آءِ کي ڇڏيو ۽ انهن جي سيٽن تي چونڊون ٿيون، اهي به هارائي ويا. ان مان هي سبق وٺي سگهجي ٿو ته جن پنهنجن مڊر پارٽين سان بيوفائي ڪئي، عوام به انهن کي رد ڪري ڇڏيو. انڪري کي پي ڪي ۾ پرويز خٽڪ هجي يا، پنجاب ۾ ترين ۽ پيا، انهن جو سياسي مستقبل به سٺو نه هوندو هي سمورا اهڙا پتا آهن، جن کي استيبلشمنٽ استعمال ڪندي. هينئر ته پي ٽي آءِ جي پنهنجي حالت به رحم جوڳي آهي. انڪري اڪثر فيصلا ن ليگ ۽ پيپلز پارٽي کي ڪرڻا آهن. سڀ جنهن کي پ پ جو ڇڙهه سمجهيو ويندو آهي، اتي توڙي جو ايم ڪيو ايم ۽ جي ڊي اي کي هڪ پيج تي آندو ويو آهي، پر اهي هينئر به پ پ جو متبادل ناهن. پر واڳ ڏڻي، سڀڪنهن ۾ پنهنجو سياسي تڪ جوڙڻ گهرن ٿا، جنهن لاءِ گهٽيون ڪوششون ڪيون ويندين. هينئر مستقبل جو سيٽ اپ هجي يا ايندڙ حڪومت جي جوڙجڪ سمورا فيصلا دبئي ۾ ٿي رهيا آهن. هي خبرون به آيون آهن ۽ انهن جي ن ليگ تصديق به ڪري ٿي ته مستقبل جي نگران سيٽ اپ جي حوالي سان معاملا طئي ٿي چڪا آهن، بس انهن تي مولانا فضل الرحمان سميت اتحادي کان آگونو لگرائڻو آهي. دفاع جي وزير خواجا آصف ته تصديق ڪئي آهي ته انهن پ پ سان گڏ جن پنهنجن مڊر پارٽين سان بيوفائي ڪئي، عوام به انهن کي رد ڪري ڇڏيو. انڪري کي پي ڪي ۾ پرويز خٽڪ هجي يا، پنجاب ۾ ترين ۽ پيا، انهن جو سياسي مستقبل به سٺو نه هوندو هي سمورا اهڙا پتا آهن، جن کي استيبلشمنٽ استعمال ڪندي. هينئر ته پي ٽي آءِ جي پنهنجي حالت به رحم جوڳي آهي. انڪري اڪثر فيصلا ن ليگ ۽ پيپلز پارٽي کي ڪرڻا آهن. سڀ جنهن کي پ پ جو ڇڙهه سمجهيو ويندو آهي، پر

بقايا سنڌيار 01

چئيرمين اسلم خيرپوري، جيئي سنڌ قومي پارٽي جي چئيرمين نواز خان زئرن، جيئي سنڌ تحريڪ جي آڳاڻي حاجي انور ڪرناڻي، روادار تحريڪ جي صدر پنهل ساريو، نواز شاهه پاڏائي، راول ڪرناڻي، امجد شورو، نظير شيخ سميت ٻين قومپرست آڳاڻن شرڪت ڪئي. اجلاس ۾ قومپرست آڳاڻن پاران ڪيل فيصلن جي روشني ۾ چيو ويو ته ڪارونجهر جبل نه فقط ٿر جي رهواسين جي زندگي سان لاڳاپيل ۽ اهم حيثيت رکندڙ آهي، پر ڪارونجهر جبل سڄي سنڌ جو تاريخي ثقافتي، مذهبي جاگرافيائي ڏند ڪٿائي ۽ فطري ورثو آهي، جنهن سان لکين سالن جي تاريخ جڙيل آهي، هنن چيو ته ڪارونجهر جبل چار لک ماڻهن جي پيٽ سميت ٻين ضرورتن جي لاءِ پاڻي مهيا ڪرڻ جو اهم ذريعو آهي، جنهن ڪري نيلار ڪرٽ لاءِ 4 آگسٽ جي تاريخ مقرر ڪئي وئي آهي، هنن چيو ته اسان جيئي سنڌ رهبر ڪميٽي طرفان ڪارونجهر جي نيلامي کي سنڌ جي نيلامي ڪا سمجهون، تنهن ڪري اهو اعلان ڪاڪرين ته 4 آگسٽ تي ڏي جي ماڻسن ۽ منرلس جي آفيس آگسٽ تي ڏي جي آفيس آڳيان گڏ ٿي ڪارونجهر جي نيلامي کي روڪڻ ۽ پنهنجو سنڌ جي شعور کي پڻ اپيل ڪئي ته هر چوٽين ۽ جتي ڪارونجهر جي نيلامي جي خلاف آواز بلند ڪيو ويندو، هنن سڄي ان آفيس آڳيان احتجاج ڪيو ويندو، ان آفيس سرانجام ڏنيون، 72 عزادارن کي فرسٽ ايڊ ڏني وئي، سول ڊفينس سرڪاري گروپ واردن محمد احمد شيخ، ڊپٽي گروپ واردن الطاف احمد قريشي پوسٽ واردن آغا اڪرم دراني، حاجي رياض ڪرڪر، آصف خان، آصف شيخ عدنان شيخ، اشفاق ميندلو، محمد ادريس ڪوسو، شرڪت ڪئي ۽ پنهنجون خدمتون سرانجام ڏنيون، ان موقعي تي ڊپٽي چيف واردن ڊاڪٽر سعيد اعوان چيو ته سول ڊفينس جا رضاڪار الله جي رضا لاءِ خدمتون سرانجام ڏئي رهيا آهن، ملڪي صورتحال کي نظر ۾ رکندي اڄ هر شخص کي سول ڊفينس تي تربيت حاصل ڪرڻ گهرجي، وطن عزيز پاڪستان جي خدمت جو بهترين پليٽ فارم سول ڊفينس آهي، سول ڊفينس خود انحصاري جي اصول تي ٻڌل آهي سول ڊفينس کي مضبوط ڪرڻ جديد دور ۾ وقت جي ضرورت آهي، سول ڊفينس جي تربيت حاصل ڪرڻ هر پاڪستاني جو قومي فرض آهي، روزاني حادثن، قدرتي آفتن يا انساني پيدا ڪيترائي علاقا خطري هيٺ آهن سنڌ حڪومت ٿيندڙ آفتن سان نبيرڻ لاءِ فورن قدم کڻي ڪارڪردگي ڏيکاري سڄي دنيا ۾ اهم حيثيت رکندڙ آهي، هنن چيو ته 30 آگسٽ کي جبري گمشدگين خلاف عالمي ڏاڪاري طور ملهايو ويندو آهي، ان ڏاڪاري تي انساني حقن جي سنگين پڇاڙين خلاف 30 آگسٽ تي سنڌ جي مختلف شهرن ۾ پريس ڪلبن آڏو احتجاجي مظاهرا ڪيا ويندا.

بقايا سنڌيار 02

جهنڊومري پوليس ڳڇهي اطلاع تي ڇاپو هڻي ڏوهاري ۽ رويوش جوابدار کي گرفتارڪري جي داعوا ڪئي تنفصيل موجب جهنڊومري جي ويرهايو ميرجت ۽ ڳڇهي اطلاع تي ڇاپو هڻي جهنڊومري جي ڳوٺ اسماعيل لنڊ جي رهواسي مهتاب لنڊ کي گرفتار ڪري رنڌو ٻڌي پاسي جهنڊومري پوليس صحافين سان ڳالهائيندي ڇيو ته جوابدار مهتاب لنڊ ڪيترن ڪيسن ۾ گهربل آهي جهنڊي مري جي مختلف ٿاڻن تي ڪيس پئ داخل آهن اڄ عدالت سڪوري ڏنڊ ۽ الهار ۾ پيش ڪيو ويندو

بقايا سنڌيار 03

محراپورجي وارد نمبر 16 بلال ڪالوني ۾ سهتا ۽ آرائين برادري ۾ جهيڙو سهتا برادري جو 8 سالن جو نينگر سجاد علي سهتو ۽ عجب علي سهتو گولين لڳڻ سبب فوت ڏڪار ته 10 سالن جو محمد علي سهتو سخت زخمي واقعي خلاف سهتا برادري جي سوين ماڻهن جو محراپور ٿاڻي آڏو سخت احتجاجي مظاهرو ڪيو ۽ مطالبو ڪيو ته پوليس ۽ سهتا برادري ۾ ڳالهيون ناڪام ٿيڻ ڪري سهتا برادري جي سوين ماڻهن هالاڻي پهچي لاش قومي شاهراه تي رکي ڏرٽو هنيون موقعي تي اعجاز سهتو ۽ ٻين ميڊيا سان ڳالهائيندي ڇيو ته آرائين برادري جي ماڻهن يونس آرائين ۽ ٻين جي آڳاڻي ۽ ايس جي ڳهر ۾ اڇي اسان جي معصوم نينگر سجاد ڪي ڪوليون هڻي قتل ڪيو آهي جڏهن ته محمد علي سهتو کي شديد زخمي ڪيو آهي هنن وڌيڪ چيو جيستائين قاتل گرفتار نه ٿيندا تيستائين اسان جو قومي شاهراه تي ڏرٽو جاري رهندو.

بقايا سنڌيار 04

پوري ملڪ جيان نوشهروفيروز ۾ به عاشور جو ڏينهن رڌي عقيدت ۽ احترام سان ملهايو ويو، ان سلسلي ۾ مرڪزي جلوس امامبارگاهه سيد حاجن شاهه کان شروع ٿيو جيڪو مرڪزي امام بارگاهه باب حيدر تي پهتو جتي مومنين پاران نوحه خواني ڪري چاڪن، گرنن ۽ زنجيرن سان ضرب جو ماتم ڪيو ويو جنهن ۾ سوين عزادار زخمي ٿي پيا جن کي سول سرجن ڊاڪٽر خادم علي مگريو پاڻ پنهنجي ٽيم ساب گڏ زخمي عزادارن جي مرهم پٽي ڪندو رهيو سنڊس ميڊيڪل ٽيم ۾ سينئر ڊاڪٽر محمد عمران ۽ ڊاڪٽر عمير ميمڻ اعجاز منهائي عبدالوحيد ميمڻ، حنيف جلباڻي، غلام مرتضيٰ ٻوهيو، شفاقت وسطوڙو، غلام مرتضيٰ پنهور ۽ ٻيا شامل هٿا جيڪي پن ايمبولنس سان گڏ سجو ڏينهن ڊيوٽي ڪندا رهيا جڏهن ته مومنن پاران علمبردار عباس، تابوت امام حسين عليه السلام، شهزادي قاسم جي سيج، شهزادي علي اصغر جو جهولو ۽ ٻيون شبيهون ڪٿي ياسهون ڪيون جون صدائون بلند ڪندا رهيا مرڪزي ماتمي قافلي ۾ مختلف علاقن جي 50 کان مٿي قافلن شرڪت ڪئي جڏهن ته ماتمي جلوس دوران سخت گرمي جي ڪري جاڪاڪ ٻڌڻ ۽ جلوس واري روٽ تي نياز ۽ سبيلن جو اهتمام ڪيو ويو

بقايا سنڌيار 05

۽ پوليس پاران جاري ڪيل بيان ۾ جاڪاڪ ويو آهي ته مغوي عمر ۽ مشتاق پارو کي ڊي ايس پي ڳهرٽڪي حافظ عبدالقادر چاچڙ جي آڳاڻي ۽ چوڻ بلاڪ جي ڊمدمي وٽان ڪارائي ڪري بازياب ڪرايو ويو آهي جڏهن ته علاقڻي ۽ ٻنهي مغوبن جي بازيابي راڄوٽي ڪوشش ڪري ٿيندڙ ڇا چٽوهل پئ آهن اعتماد جوڳن ذريعن دعويٰ ڪئي آهي ته ڪجهي ۾ پاڻي اچڻ بعد ڏاڙيل پٻي هنڊ شڪت ٿي ويا جنهن جي ڪري علاقڻي جي معززين جي معرفت ڪين ڏاڙيلن پاران ڇڏيو ويو آهي، هوڏانهن مغوبن جي وارثن به ٻنهي مغوبن جي بازيابي جي تصديق ڪئي وئي آهي، جڏهن ته بازيابي بعد ٻنهي مغوبن کي گهر آندو ويو جتي هنن جي پهچڻ تي سندن وارثن جا چهرا پڻ پکڙي اٿيا.

بقايا سنڌيار 06

بدين ضلع ۾ تباهي آڻيندڙ سر نالن ۽ زبردست ڇاڻ ڪاتي ٿيڻ جي ڪري گزريل سال جيان هن سال به رڌي تباهي ٿيڻ جو خدشو ظاهر آبادگارن جو احتجاج تفصيل موجب بدين ضلع ۾ برساتن کان پوءِ ايل بي او ڊي سميت علاقي جي سمورن سر نالن ۽ برساتي پاڻي جو زبردست ڇاڻ اڇي ويو آهي جنهن جي شروعات پراڻ جي گيٽ ڪاوڙهي سان ٿي ويئي آهي گزريل سال ملڪ جي سپ ڪان وڌي سر نالي ايل بي او ڊي ۽ قدرتي وهڪرا بحال ڪرڻ جي نالي تي اربين روپيا خرچ ڏيکاريا ويا هٿا پر ڪيل ناقص ڪم برساتن کان اڳ ئي لوهي رهيا آهن جنهن ڪري بدين جي پنگريو شادي لارج پراڻ سميت جهڏو هڪ دفعو ٻيهر نشاني تي آهن اڳ ۾ گهارا پون جي ڪري جاڪاپاڻ علاقڻن جا سوين گوٺ ۽ هزارين رهواسي متاثر ٿي پنهنجا پاڻهي ۽ ٻڌل گهر چڏي ڳوٺ ڇڏي هلي ويا آهن جنهن ڪري بدين ضلع ۾ 100 کان وڌيڪ ڳوٺ ۽ شهر ٻڏي ويا آهن، جن ۾ 13 لک ايڪڙ سنڌ جي زمين دفاعي اداري کي ڏني ويئي آهي، جيڪا زمين مظلومن ماڻهن جي آهي، ان کانسواءِ ون ونڊو آپريشن جي نالي تي ٽينڊرٻ قانونسازي قومن جي تاريخي حقن ۽ خودمختياري تي راتاهو آهي، جنهن ڏوهه ۾ سمورين اتحادي ڏرين شامل آهن، هنن چيو ته جيئي سنڌ رهبر ڪميٽي انهن بلن کي مڪمل طور رد ڪندي اعلان ٿي ڪري ۽ ته هوءَ سنڌ جي انج ٽڙ جي حفاظت ڪندي، جنهن جا وارث سنڌي آهن، هنن چيو ته سنڌ ۾ مسلسل انساني حقن جي لتاڙ ٿي رهي آهي، جنهن سبب ماڻهن جي زندگين کي زهر بڻايو ويو آهي، انساني حقن جي لتاڙ جو هر پاسو قومي ڪارڪنن سميت مختلف ماڻهن کي ڪٿي گهر ڪرڻ، فل فراءِ يا هاف فراءِ ڪرڻ آهي، هنن چيو ته 30 آگسٽ کي جبري گمشدگين خلاف عالمي ڏاڪاري طور ملهايو ويندو آهي، ان ڏاڪاري تي انساني حقن جي سنگين پڇاڙين خلاف 30 آگسٽ تي سنڌ جي مختلف شهرن ۾ پريس ڪلبن آڏو احتجاجي مظاهرا ڪيا ويندا.

بقايا سنڌيار 07

امداد فراهر ڪرڻ جي لاءِ فرسٽ ايڊ ڪيمپ لڳائي وئي ايڊيشنل ڪنٽرولر اميرالدين عباسي ۽ ڊپٽي چيف واردن ڊاڪٽر سعيد اعوان جي نگراني ۾ ڪيمپ منعقد ڪيو ويو، غلام محمد مهر ميڊيڪل ڪاليج ٽيچنگ اسپتال جي ڊاڪٽر ڪيلاش سميت 15 پيرا ميڊيڪل اسٽاف سميت 30 کان وڌيڪ رضاڪارن خدمتون سرانجام ڏنيون، 72 عزادارن کي فرسٽ ايڊ ڏني وئي، سول ڊفينس سڪرجي گروپ واردن محمد احمد شيخ، ڊپٽي گروپ واردن الطاف احمد قريشي پوسٽ واردن آغا اڪرم دراني، حاجي رياض ڪرڪر، آصف خان، آصف شيخ عدنان شيخ، اشفاق ميندلو، محمد ادريس ڪوسو، شرڪت ڪئي ۽ پنهنجون خدمتون سرانجام ڏنيون، ان موقعي تي ڊپٽي چيف واردن ڊاڪٽر سعيد اعوان چيو ته سول ڊفينس جا رضاڪار الله جي رضا لاءِ خدمتون سرانجام ڏئي رهيا آهن، ملڪي صورتحال کي نظر ۾ رکندي اڄ هر شخص کي سول ڊفينس ۾ تربيت حاصل ڪرڻ گهرجي، وطن عزيز پاڪستان جي خدمت جو بهترين پليٽ فارم سول ڊفينس آهي، سول ڊفينس خود انحصاري جي اصول تي ٻڌل آهي سول ڊفينس کي مضبوط ڪرڻ جديد دور ۾ وقت جي ضرورت آهي، سول ڊفينس جي تربيت حاصل ڪرڻ هر پاڪستاني جو قومي فرض آهي، روزاني حادثن، قدرتي آفتن يا انساني پيدا ڪيترائي آفتن سان بچائڻ لاءِ فورن قدم کڻي ڪارڪردگي ڏيکاري سڄي دنيا ۾ اهم حيثيت رکندڙ آهي، هنن چيو ته 30 آگسٽ کي جبري گمشدگين خلاف عالمي ڏاڪاري طور ملهايو ويندو آهي، ان ڏاڪاري تي انساني حقن جي سنگين پڇاڙين خلاف 30 آگسٽ تي سنڌ جي مختلف شهرن ۾ پريس ڪلبن آڏو احتجاجي مظاهرا ڪيا ويندا.

بقايا سنڌيار 08

موتمار ڏمڪيون ڏيئي ڪيس حراسان ڪيو پير وڃي، اهڙي عمل بعد درگاه جي عقيدتمندن ۽ زائرين ۾ سخت ڪاوڙ جي لهر چانيل آهي، جن اهڙي عمل جي سخت لفظن ۾ مذمت ڪندي چيو آهي ته ضلعي انتظاميه نٿو ڪي فورن ان عمل جو نوٽيس وٺي درگاه تي سيڪيورٽي جا سخت انتظام ڪري درگاه جي خدمتگار حافظ قادر جوڪيو، سندس فرزند حافظ صدام حسين جوڪيو کي تحفظ فراهر ڪيو وڃي، چاڪان جو هن کان اڳ ۾ ڪافي پيرا درگاه جي خدمتگار غلام قادر جوڪيو تي قاتلاڻو حملو ٿي چڪا آهن، هنن چيو ته اسان سمجهون ٿا ته درگاه جي خدمتگار غلام قادر جوڪيو ۽ سندس پٽ کي ڏمڪيون ڏيندڙن جو اصل مقصد هن کي درگاه حضرت اُمير شاه جيلاڻي جي درگاه تان هٽائي پاڻ قابض ٿيڻ چاهين ٿا، جيڪو عمل هرگز برداشت نه ڪيو ويندو، هنن اهلي اختيارين کي ۽ ان معاملي جو سنجيدگي سان نوٽيس وٺڻ جي اپيل ڪندي درگاه جي خدمتگار کي تحفظ مهيا ڪري ڪيس بلاجواز پريشان ڪري مرتمار ڏمڪيون ڏيندڙن خلاف ڪاروائي ڪري درگاه جو تقدس بحال رکڻ جي پڻ گهر ڪئي اهي جيئن زائرين ۽ عقيدتمندن ۾ قهليل بيچيني دور نه ٿي سگهي.

بقايا سنڌيار 09

اسلام ڪوٽ ۾ ٻاهه پاس تي ڪُنڊڙ امڪاني شراب جي ڳٽي ۽ منشيات جي وڪري خلاف شڊيد هڙتال، ريلي، ڊرٽو. خبرموجب: اسلام ڪوٽ شهر ۾ ٻاهه پاس روڊ تي آبادين ويجهو ڪُنڊڙ امڪاني شراب جي ڳٽي خلاف مذهبي جماعتن هندو برادري جي آڳاڻن ۽ شهرين جي شڊيد هڙتال ڪئي وئي، انهي سلسلي ۾ مذهبي جماعتن جي آڳاڻن مولانا تاج محمد سومرو، عبدالخالق جوٽيجو سابق ناظر ڪهنشار داس پارواڻي، مولوي عبدالغني ميمڻ ،حافظ لياقت علي بجير، عبدالغني بجير، سميت ٻين جي آڳاڻي ۽ پريس ڪلب کان احتجاجي ريلي ڪڍي وئي، جيڪا ريلي مختلف روٽن کان ٿيندي ٽائون موڙ تي پهتي، جتي احتجاج ڪندي ڊرٽو هنيو ويو ۽ امڪاني ڪنڊڙ شراب جي ڳٽي ۽ شهر ۾ منشيات جي سري عام وڪري خلاف سخت نعربازي ڪئي وئي، انهي موقعي تي آڳاڻن مير محمد بليدي، عزيز الله ساند، مولانا عبدالخالق جرڪيجو، عبدالغني ميمڻ، اسماعيل سميجو، شاهنواز خاصخيلي ۽ ٻين خطاب ڪندي چيو ته برامن شهر کي مڪمل طور تي منشيات جو اڈو بڻائڻ لاءِ، ٻيو شراب جو گٽو ڪولڻ جي ڪوشش ڪئي پٽي وڃي، جيڪا سازش انسان ناڪام بڻائيندا، ايندڙ اليڪشن ۾ ڪنهن به صورت ۾ برداشت نه ڪيو ويندو ۽ سڀني ڏوهارن کي ننگا ڪري سماج ۾ بي نقاب ڪيو ويندو، هنن چيو ته اسان جيئي سنڌ رهبر ڪميٽي طرفان ڪارونجهر جي نيلامي کي سنڌ جي نيلامي ڪا سمجهون ٿا، ان معاملي جو سنجيدگي سان نوٽيس وٺڻ جي اپيل ڪندي درگاه جي خدمتگار کي تحفظ مهيا ڪري ڪيس بلاجواز پريشان ڪري مرتمار ڏمڪيون ڏيندڙن خلاف ڪاروائي ڪري درگاه جو تقدس بحال رکڻ جي پڻ گهر ڪئي اهي جيئن زائرين ۽ عقيدتمندن ۾ قهليل بيچيني دور نه ٿي سگهي.

بقايا سنڌيار 10

روٽري ڪلب ڪراچي ضامن بلڊرس ڪراچي سگا شاخ عرس سومرو جي تعاون سان نئون ڪوٽ ويجهو ترچ ڳوٺ اٽاڌهو سومرا ۾ 12 ايڪڙ زرعي اراضي تي مختلف قسمن جا ٻوٽا پوکيا ويا غريب مستحق ماڻهن ۾ 100 کان مٿي راشن بيگ تقسيم ڪيا ويا ان موقعي تي روٽري ڪلب ڪراچي جي صدر سروت نسيم شاه ضامن بلڊرس ڪراچي جي چيئرمين ڪاشف شاه سگا شاخ عرس سومرو جي صدر منور علي سومرو ڳالهائيندي چيو ته ٽر پوٺني ٻيل ريگستاني علاقو آهي هتان جا ماڻهو تمام غريب آهن ٽر ۾ وسائل جي شديد ڪوٽ آهي جنهن جي ڪري اسان ماحول جي تبديلي لاءِ هڪ نديڙو پلانٽ شروع ڪيو آهي هتي هر قسر جا ٻوٽا جنهن ۾ نر هير ٻيل بيد مشڪ سميت ٻيا ڪيترائي ٻوٽا پوکيا آهن جيڪي وڏا ٿيندا جن مان هتان جي ماڻهن کي لاڀ ملندو ان موقعي تي ڳوٺ ۾ قائر ڊسپينسري ۽ سلاڻي سينٽر جو دورو ڪندي اڳواڻن چيو ته ٽر جي عورتن کي هڻ جي هنر سميت سلاڻي جي وڏي ڀاڻ آهي هي سينٽر هن وقت ننڍڙي پيماني تي ڪر ڪري رهيو آهي سڀاڻ هتي وڏي فيڪٽري طور ڪر ڪندو هتي ڳوٺ جون ٻيروزگار نيائيون سکيا حاصل ڪندڙون هن ڊسپينسري ۾ غريب معصور ٻارڙن ۽ انهن جي والدين کي علاج جي مفت سهولتيو ملي ٻئي هتان جي ڳوٺاڻن جي محنتن جو نتيجو آهي انسان هر ممڪن مدد ڪندا سين ان موقعي تي بهترين ڪارڪردگي تي ڊسپينسري هلائيندڙ ڊاڪٽر زيب النسا ڪرلاڻي امير علي شورو ۽ اسٽاف کي شيدون ڏنيون ويون.

بقايا سنڌيار 11

رائل روڊ سميت مختلف علاقڻن ۾ ڊرينج نظام ناڪارا هجڻ سبب پاڻي جمع ٿيو ويو رهواسي سراپا احتجاج مچريل شهرين تاڻن کي باهيون ڏئي لٽنسڀاڻون پل لڳ احتجاجي مظاهرو ڪري لاڳاپيل انتظاميا خلاف چتي نعري بازي ڪئي ۽ ميئر سکر پاران پراڻي سکر کي ڪچي آبادي قرار ڏيندي رهواسين کي قبضا مافيا چوڻ جي سخت لفظن ۾ مذمت ڪئي ان موقعي تي مظاهرين جو چوڻ هو ته هر پيري برسات کانپوءِ وسهڻ کان پوءِ ته ڪچي آبادي جا ماڻهو ڏاڍو ڏکيو ۽ عذاب جهڙي زندگي گذارين ٿا، ڪجهه ڏينهن کان ڪچي آبادي جي ڪجهه حصن ۾ 4 فوٽ پاڻي جمع ٿئي ٿو ۽ سکر جو ميئر ارسلان اسلام شيخ پراڻو سکر واسين کي قبضاخور چٽي ٿو جڏهن ته سکر ۾ هڪ ڪلاڪ جي برسات جو پاڻي 2 ڏينهن گذرڻ باوجود نڪال ناهي ٿي سگهيو سکر مان پ ب جا چونڊيل نمائندا رڳو ڪريشن ۾ رڙڻ آهن عوام کي سهولتون ڏيڻ بجاءِ الزام مڙهيا پيا وڃن حيڪر عمل انتهائي مذمت جوڳو آهي پراڻي سکر جي عوام ب پ اميدوارن کي رو ٽ ڏئي ٿو ان جي بدلي چونڊيل نمائندو قبضا خور چوي ٿوڻمظاهرين ب پ چيئر مين سميت ب پ مرڪزي ۽ صوبائي قيادت کان مطالبو ڪيو آهي ته ميئر سکر پاران پ ب جي وو ٽرن ۽ سپوٽرن کي قبضا خور چوڻ ۽ پراڻي سکر کي ڪچي آبادي قرار ڏيڻ جو نوٽيس وٺندي ٻيئل برسات جي پاڻي کي نيڪال ڪرائي انصاف فراهر ڪيروڄي

بقايا سنڌيار 12

ڊپٽي ڊائريڪٽر جنرل ڊاڪٽر نذير احمد رند جو مرڪل واري ڊنهن سول سرجن ڊاڪٽر خادم علي مگريو سان گڏ سول اسپتال نوشهرو فيروز جو اچانڪ دورو ڪري اسٽاف جي حاضري چيڪ ڪرڻ سان گڏ صفائي ستڪرائي ۽ مريضن کي ملندڙ سهولتن بابت پڇاڻو ڪيو جنهن تي اطمينان جو اظهار ڪندي چيو ته سول اسپتال جا بهتر انتظامات ڏسي خوشي ٿي آهي هن چيو ته مريضن کي اڃي کان وڌيڪ سهولتون ملي رهيون آهن جنهن ۾ سول سرجن ڊاڪٽر خادم علي مگريو جن ڪنڊ ڪڙڇن ۾ مقامي ٽوپن جي مدد سان ڪافي گولا بعد ٻڌي ويل پارڙي جو لاش هٽ ڪري ورتو پارڙي جو لاش پائي ڊاڪٽرن پاران ٻار جي فوت ٿيڻ جي تصديق ڪري چڏي، فوتي پارڙي جو لاش گهر پهچڻ تي گهر ۾ گهر ۾ ڇيڙ ويو

بقايا سنڌيار 13

ايس ايس پي سکر کان معاملي جو نوٽيس ورتو نوجوان جو مستقبل بچائڻ جو مطالبو تنفصيل موجب ايس ايس پي سکر سنگهار ملڪ جي حڪمن کي حد ٽائين هوا ۾ اڌاري چڏيو آهي شهر جي مختلف علاقڻن ۾ ڪ روڊ، سيوري مندي، روهڙي، آباد، پراڻ سکر، بشير آباد ڪالونيو، بيراڄ ڪالونيو، نيو پنڊ، نصرت ڪالونيو، افغان سينٽر، ڪجور مارڪيٽ سميت اڪثر علاقڻن ۾ آڪڙا پرچي جي بکنگ وارو سلسلو تيزي سان جاري آهي ان حوالي سان سکر جي سماجي، مذهبي تنظيمن، سول سوسائٽي جي آڳاڻن جو چوڻ آهي ته ايس ايس پي سکر سنگهار ملڪ جو سکر پوليس کي واضح حڪر ڏنل آهي ته سماجي برائيون ۽ ملوٽ عناصر کي ڪنهن به صورت ۾ بخش نه ڪيو ويندو پر حد ٽائين جا پوليس آفيسرء اهلڪار سماجي برائيون کي هٿي وڌائڻ ۽ مصروف عمل آهن هنن چيو ته سکر شهر ۾ ڪلي عمل آڪڙا پرچي جوا جو ڪاروبار هلي رهيو آهي عوامي شڪايتن باوجود پوليس خاموش تماشائي جو ڪردار ادا ڪري رهي آهي باخبر ذريعن موجب مهيني ۾ 2 پيرا آڪڙا پرچي جوا جي رات ملهائي ويندي آهي جنهن کي چند رات جو نالو ڏنو ويو آهي. جڏهن ته ان رات جي حوالي سان وڏي پيماني تي غيرقانوني طريقي سان پرائز بانڊ ۽ روڳي تعداد ۾ وڪرو ڪيا ويندا آهن جنهن سبب نوجوان نسل تباهي ڪنارءِ پهچي رهي آهي ۽ نوجوان جو مستقبل تاريڪي طرف وڌي رهيو آهي، هنن ايس ايس پي سکر سنگهار ملڪ کان مطالبو ڪيو آهي ته اي سيڪشن ٽائي جي حد ڏڪ روڊ، افغان سينٽر سميت سمورن وس وارن ڪي اپيل ڪئي ته سندس مدد ڪئي وڃي، جيئن گهر پهچر تعميرڪرائي بچن ڪي برساتن سميت سردي توڙي گرمي ڪان بچائي سگهان.

بقايا سنڌيار 14

عرف دلشاد ڊاپو پاڙي جي هارن سان گڏ ٻڪرا پڙي وت درياءِ ۾ وهنجڻ دوران پڏي ويو جنهن جو اطلاع ملندڙي پڏي ويل پارڙي ۽ ٻيڙيءَ ۾ گوٽائا واقعي واري هنڌ پهتا ۽ گوٽائن ۽ مقامي ٽوپن جي مدد سان ڪافي گولا بعد پڏي ويل پارڙي جو لاش هٽ ڪري ورتو پارڙي آندو ويو جتي ڊاڪٽرن پاران پار جي فوت ٿيڻ جي تصديق ڪري چڏي، فوتي پارڙي جو لاش گهر پهچڻ تي گهر ۾ گهر ۾ ڇيڙ ويو

بقايا سنڌيار 15

، وس وارن کي مدد جي اپيل، تفصيل موجب ڏٽي شهر جي وارد نمبر 2 آمري آستاب پرسان ميربحر محلي جي رهواسي بورهيت علي محمد عرف لالا ڪرناڻي پٽ پڪو گهر تازو طوفاني پيل برسات ۾ زيون حال بڇڻ بعد ڪال 10 محرم الحرام جي ڏاڙي تي اوچتو ڏماکي سان ڪري پٽ پٽجي ويو اهي، جڏهن ڏ گهر پاتي معجزاڻ طور بچي ويا آهن، متاثر گهر پاتي هن وقت ڪليل آسمان هيٺ بي يارو بڇڻي ڪنهن به سار منتظر آهن، سندن اڃان تائين ڪنهن به سار ناهي لڏي، مٽان برساتون لڳيون پيون آهن، پنهنجي پڇن کي برساتن کان بچائڻ لاءِ مون پيو ڪوڙ اڇهو ناهي رهيو، هن ڊي سي ٽنو، جونڊيل نمائندن سميت سمورن وس وارن کي اپيل ڪئي ته سندس مدد ڪئي وڃي.

بقايا سنڌيار 16

پاس پهرلوءَ تي اسپيشر پارٽس مارڪيٽ ۾ دوڪان جا تالا ٽوڙي چوري جي ڪوشش چوڪيدار جي هوشيار ٽيڊ ٽي هٿيار تاڻي آندل لوڊر تي فرار حاجي محمد طاهر قريشي جي دوڪان تي لڳل تالن کي ٽوڙي جڏهن سامان ڪڍڻ جي ڪوشش تي چوڪيدار جي مداخلت تي سندس جي مقان هٿيار تاڻي گڏ آندل لوڊر تي پهرلوءَ طرف روانا ٿي فرار تي ويا پوري مارڪيٽ ۾ بيچيني ٽهليل آهي S.H.O سپرلوءَ ڪجه واهر ڪري ٽ جيئن پهرلوءَ مارڪيٽ مان چورين جوخاتمون تي سگهي

بقايا سنڌيار 17

سلطانپور ۾ پوري ملڪ جيان يوم عاشور جو ڏهاڙو مذهبي جوش ۽ عقيدت سان ملهايو ويو ڪربلا جو واقعو حق ۽ باطل ۾ فرق ظاهر ڪرڻ لاءِ هڪ لازوال قرباني جي داستان آهي، تاريخ اڄ تائين اهڙي قرباني جو مثال پيش نه ڪري سگهي آهي، حجته السلام والمسلمن نعيم حسين قمي ،ذاڪر اهلبت رسول بخش جوٽيجو سلطانپور ۾ پوري ملڪ جيان يوم عاشورا ڏهين محرم الحرام جي حوالي سان ماتمي جلوس برآمد سلطانپور ۽ پرپاسي جي مختلف هنڌن تي مجلس عزا منعقد ڪيون ويو خبر موجب سلطانپور ۾ ڏهه محرم الحرام جي حوالي سان ماتمي جلوس برآمد ڪيو ويو مختلف هنڌن تي مجلس عزا منعقد ڪيون ويون جنهن ۾ سڀني جو خطاب ڪندي ڏکيئن جي ڪري ڪجه ڏينهن کان بجلي بند هئي جنهن ڪري ماڻهو ڏاڍا پريشان هئا،